شاعري

کوٽا سِکا تو بِن

ناري لَڇواڻي



شاعري

ڪوٺا سِڪا توبِڻ

ناري لَڇواڻي

پرديپ لَڇواڻي
پوُرڻيما 'پمي' پبليڪيشن
بئراڳڙهہ، ڀوپال

اَول اَسان کي وَڏو مچايئُون
پوءِ رَمز سان تڏو کنيائُون

سواڳت سُڄڻ جا جوُئارِيُن جي جئہ جئہ
سياڻن لاءِ ڀادر ڀُسايل لَڳن ٿا

ھڪُ ھو، شايد وِيامي ڀيو
ھاڻ ٿيا ڀڳوان سَوين!

poetry

KHOTA SIKKA TO BIN

Nari Lachhwani

A-31 New
Bairagarh, Bhopal-462030 India
Mob. : 8989438294

Publisher :
Pradeep Lachhwani
Poornima 'Pammi' Publication
A-31 New
Bairagarh, Bhopal-462030 India
Mob. : 8236856001

Type Setting :
Mahesh Lalchandani
Mob. : 8905553268

Printed by :
Shri Shraddha Offset Printers,
Zone-1, M P Nagar, Bhopal.
Mob. : 9826720777


Year : 2018

Price : ₹ 250/-

Copies : 500

मध्यप्रदेश सिंधी साहित्य अकादमी भोपाल
की आंशिक आर्थिक सहायता से प्रकाशित

جنم داتا



ماءُ ــ ديوِي
(1932)

بابا ــ ٿانوَرداس
(1924 - 12.8.2016)

۽

نوَ رَتن

ناري	رام	رُڪمڻِي
سُشيِ	گوردِن 'گوبند'	لاجوُ
پرشوتم 'پرسو'	موهن 'مُنوُ'	پرڪاش 'پپوُ'

جي جڳُ جيتڻ چاهين سارو
دل جو ڪڏهن نہ ٿيڄئن ڪارو

ڳالهہ سچ جي ڪڄي سدائين
سوچي سمجهي هٽجي نعرو

ناهِہ چڱو ڪم رُسڻ روئڻ جو
وڏي نہ اَڳتي ڪِٽ-پٽ وارو

مڏر مڏر ڳالهاءِ مِنو تون
اَڪرُ نہ نِڪري ڪوڙو ڪارو

باغ بغيچا بيشڪ سُهڻا
تِن کان سُهڻو اوڙو پاڙو

ناموُس ڪيائي مات-پتا جي
ديش جو بڻجِئن روشن تارو

مُنهنجيِ



پوُرڻيما ’پميِ‘

(14.4.1955 - 15.10.2011)

۽

اَسانجا چار گُلڙا

سپنا رچنا پرديپ سَميِڪشا

— ناريِ

نظارا سڀُ ڦِڪا تو بِن
اَسين ڪوٺا سِڪا تو بِن

سُهانو ساٿُ هو پنهنجو
گهڙا ڪاڏا ڏِڪا تو بِن

چَمڪ جيڪا هُئي چوڏر
لڳي ڪارا ٽِڪا تو بِن

روئي رنڍڙو، اَٿو ويلڻُ
روئن برتن ڇِڪا تو بِن

نہ آهين تون، سِڪان تو مان
وِهاڻا هَنڌ سِڪا تو بِن

سَوين ها سُکہ اَسان سان گڏُ
وَڃي ڪاٿي لِڪا تو بِن

سِمَن ڪِکيون نہ ڇُلڪن پر
لَڳن گُمسُم ڪِڪا تو بِن

ناري پاڻ بہ هڪ سُٺو شاعر آهي. سندس لکيل هيءُ هڪ غزل تہ ڏِسو :

چِڙَڪ پرائي چيرِ سچڻ جي
گهائي گهمنڊڙ گهيرِ سچڻ جي

جوين جيڪر جرڪي پئي اڄ
چُنري هيڪر ڪيرِ سچڻ جي

پاڪُ رهڻ جي هيرَ پيل تَسِ
ڪا ڪا عادت ڦيرِ سچڻ جي

ڪي شعر لکان، جي ملي وچي
پيشُ زَبرَ يا زَيرِ سچڻ جي

غزل جا قافيا تہ ڏسو، مشڪل سان ئي اهڙا قافيا، ڪنهن اڳہ ڪم آندا هوندا. ناري لڇواڻي سنگيت جي دُنيا سان جُڙيل رهيو آهي. هوُ پاڻ بہ خوبصوُرت آهي، نالو بہ اَتِس ناري، توهان خود پاڻ بہ مٿانئس عاشق ٿي پوندا. منهنجيون شڀ ڪامنائون.

- ارجن حاسد

’لَهِرَ لَهِرَ سڏڙا ڪري‘

ناري لڇواڻي هڪ سُريلو ڳائڪ ڪلاڪار آهي. مانيٽي آواز ۾ ڳائي، پيارَ جو جنسار رچي، ٻُڌندڙن کي وَسَ ۾ ڪري ٿو ڇڏي. هُن منهنجا دوها به دل سان ڳايا آهن، اُنهن جي هڪ C.D. ’’لَهِرَ لَهِرَ سڏڙا ڪري‘‘ جي عنوان سان نڪتل آهي. هوُ منهنجا غزل به ڳائيندو آهي:

دل ۾ وسن ٿا ڪي، نہ ڪي دل کان پري پري
ڪنهن جي ستائي ياد ٿِي دل کي ذري ذري

هرڪنهن جو پنهنجو آهي، جيئڻ جو الڳہ مزاج
پياسو رهي ٿو ڪو، ڪو پيئي ٿو يري يري

منهنجا هيِ گيت ڳائيندي، ناري بہ جهومڻ لڳندو آهي:

(1) بَهارن کي ڇئجو، نہ مونکي لُيائن
فضائون بہ مون سان نہ اکڙيون ملائن
تمنا ڪا پنهنجي، ڪڏهن ٿِي نہ پوُرِي
حياتي بہ حاسد اڌوُرِي اڌوُرِي
هيِ ماڻهو الائي ٿا ڪيئن مسڪرائن

(2) هڪ نظر تو ڏي ڇا نهاريوسين
جامُ هٿ ۾ ڪنيل بہ هاريوسين
مست اَکڙين بڻايو ديوانو
توتان گهوري ڇڏيوسينِ ميخانو
توکي دل ۾ ڪٽي وهاريوسين

مون ناري لچواڻيءَ جي طبيعت ۾ صوفياڻو تٿ ڏٺو، هُن جي شاعريءَ ۾ به اهڙيون ڪي جهلڪون نظر اچي ٿيون وڃن :

آهين موُن ۾، اَڄُ به هُئين
ڏسجين تو پر چو نہ ڪٿي

دل، دل ۾ ائن پيهي ويئي
ڏار ڪبو ڪئن ڪنهن کي ڪنهن ڪان

غزل جو محوَر رومان آهي. ناريءَ جو غزل الڳہ قسم جو رومان ڪٿي تو اچي. جنهن ۾ رمز به آهي تہ جماليات به، دل جي ڪتڪتائي ڪندڙ بيان به آهن، تہ دل کي هلڪي سان ڇُهي ويندڙ اِظهار به آهن:

جوين جيڪر جَرڪي پئي اَڄُ
چُنري هيڪر ڪيرِ سڄڻ جي

ڪيسين هڪ هنڌ بيٺي هوُندي
دلڙي موُن ڏي سيرِ سڄڻ جي

ڪَهي اَچان ديدار ڪرڻ مان
توکي ڏِسندي لَهِي وڃي تُڪ

سنسار ڏنا ٿم سوُر گهڻا
توکان دوُري مگر وڏو ڏُک

وڃندڙ سِڪا

ڪي شاعر اهڙا هوندا آهن جيڪي سالن جا سال لکندا رهندا آهن، ساڏنا ڪندا رهندا آهن، پر پنهنجين رچنائن کي ڪتابي صورت ۾ آڻي اسان پاٺڪن اڳيان آڻڻ کان پاسو ڪندا رهندا آهن. ڪارڻ ته هاڻي کهڙو ڏيون، ڪجھ موهه کان آجا ته ڪجھ اهڙو ڀاوَ ته ڇا ڪنداسين پنهنجين رچنائن کي روشنيءَ ۾ آڻي! جيستائين مونکي معلوم آهي، ناري موهه کان آجو آهي. هوُ اڪثر مشاعرن ۾ پنهنجيون رچنائون پيش ڪندو رهيو آهي، سالن کان. بس هُن جو مقصد ڇڻ برثواب ٿي ويو- درشڪن چيز ٻُڌي، واهه واهه ڪئي، هڪ شاعر کي ٻِي کهڙي کيپ کٽڻي آهي. مون شخصي طور ڪيترا دفعا ناريءَ تي زور آندو، يار، شاعريءَ تي ڪيترا ئي سيمينار ٿيندا رهن ٿا، ڪتاب ميسر نه هئڻ جي حالت ۾ مقالانويسن کان تون وسري ويندين، يا ياد هوندي به توسان اِنصاف نه ڪري سگهندا، پر ناريءَ جي ناري نُما موهڪ مُرڪ، ڇڏيو سائين، ڇا ڪرڻو آهي! اِئين ئي ڪيترا سال گذري ويا. تازو جڏهن هڪ دوست هيترن سالن کان پوءِ مونکي فون تي چيو ناريءَ جو ڪتاب ڇپائڻو آهي، هوُ ته نٿو مڃي، توهان کي ڄاڻ آهي، تنهن ڪري هُن جي ڄاڻ کانسواءِ ئي مان ميٽ ۾ ڪتاب ڇپارائي هُن جي هٿ تي رکڻو آهي. مونکي ناريءَ جو ڪتاب ڇپجي ٿو اِن ڳالهه تہ خوشي ڏني پر هُن کان لِڪائي ڪتاب ڇپائڻ واري ڳالهه نه آئڙي. اُن دوست کي ڪَنوِنس (convince) ڪيم. اِهو واجب نه ٿيندو، هُن وري جوابداري مونتي رکي، توهان ئي مڃايو هُن کي! خير، هاڻي اُن شروعاتي دؤر کان اڳتي وڌي ڪتاب پريس ۾ آهي، سنتوش ته ضرور ٿي رهيو آهي. اِن سڀ جي پس منظر ۾

تلاوَ وغيره ۾ هَڏڙا، ٻَلڙا، ڪچڙا، تڪڙا، رڳڙا وغيره جهڙا سُهڻا قافيا اسان کي ناريءَ جي غزلن ۾ ملن ٿا پر قافين ۾ ناريءَ خوبصورت تجربو بہ ڪيو آهي جيڪو اِئين چئي سگهجي ٿو تہ قافيي ۽ رديف جو دِلڪش ميلاپ آهي :

آهين منهنجا سونَ ڪٿي
يار! مِلبين تو ڪونہ ڪِٿي

سڏ ئي سڏ ڏِسُ ڪن ٿا سَڀُ
مگر سَڏايو تو نہ ڪٿي

غزل ٻُڌايئِن، تو لءِ آ
محفل ۾ چَئبو نہ ڪِٿي

هر شاعر کي پنهنجي مٽي، پنهنجي ڌرتي ياد هجي ٿي. هر سنڌي شاعر سنڌ جي ڳالهہ تہ ڪري ئي ٿو. پر ناريءَ کي سنڌ ڇڏڻ تي شڪايت آهي :

جانِ وڃي ها، بيشڪ، پر
مُلڪ نہ توکي ڇڏڻو هو

وَڻُ مَري جِتي جنم وَرتي
توکي پڻ تِئن ڪرڻو هو

هر شاعر جي اندر ڪو مفڪر هوندو ئي آهي، هُن وٽ پنهنجا سوچ جا ماڻ ماپا هوندا آهن، سوچ جا اُهي ڦهلاوَ دُنيا ۽ جي زمين کي

ليپُ ٻٽان، سو ليپُ لڳڻ سان
توُن مَهڪين جڻ مان پيو مَهڪان

ليڪن ناريءَ جو رچنا سنسار صرف رومان تائين محدود ڪونهي. هُن جي اندر ۾ ويڙهل شاعر کي سماج جو اونو بہ آهي، هُن جو سماج سان جُڙاءُ بہ آهي :

واجهائيندي شالُن لءِ
آخر اوڍي ويا ڪفن

ڳُل ڏسو وچي ٿي. ويءَ ٿي
ڏاڍي چِڙ مان چيو چَمن

مان بہ مندر مان ٿي آيس
تِرڪڻ ۾ تِرڪي آيُس

ناري لڇواڻيءَ جا قافيا بيحد موهڪ آهن. ناريءَ جا قافيا گهڻو ٺيٺ سنڌي آهن، اهڙا قافيا هُن جي غزلن جي سگهہ بڻيا آهن :

چريو چئي چيڙايو ننڊڙن
روز نصيحت ڪن ٿا وڏڙا

پيارُ نہ ڄاڻن پيار جا سي ئي
ڪولي وينا آهن هَنڙا

اهڙيءَ طرح نُڪ، ڍُڪ، شُڪ، ٽُڪ وغيره، تاوَ، تناوَ، سُجهاوَ، ياوَ،

يا هُن جِي ”جنوري-ڊسمبر“ ڪوتا :

پريہ!
تون پهرين جنوري آهين
۽
مان 31 ڊسمبر
هڪ ٻئي ڪان
ڪيترو پَري!
۽
هِڪ ٻئي جي
ڪيترو ويجها!

ناري ۽ هِن ڪتاب ۾ نظم ۽ گيت بہ شامل ڪيا آهن. ناري خود هڪ سُنو گائڪ آهي، سنگيت جو ڄاڻو آهي، اُن ڪري هُن جي گيتن ۾ زبردست لِرِسزم آهي، اُنهن ۾ ڀرپور غُنايت آهي.

ڪتاب جي عنوان جو ڪجهہ حصو ڀلي ’ڪوتا سِڪا‘ هجي، پر ڪتاب ۾ سڀ سِڪا وڃندڙ آهن، اينٽري پڪ آهي.

- واسديو موهي

14.4.2018

سَر ڪندا رهندا آهن :

ماءُ ڪِتي ۽ ٻار ڪِتي تِس
ڪيڏا سَهن وڇوڙا ماڻهوُ

اِڇائون اُميدون اُتيوُن دل ۾ ڪهڙيون
لڳن هاءِ! پاڻي ڇَپاڙڻ جهڙيوُن

هي زنده رهڻ جو ڇا مقصد اِهو آ؟
حياتي اَسانکي، اَسين ڪيس رَهِڙيوُن

ناري لڇواڻيءَ جون ڪوتائون به ڌيان طلب آهن. سماج طرف هوُ سُجاڳ نہ آهي ٿي، پر هُن جي ڪويءَ / شاعر طور اهمترين سُڃاڻپ هُن جو جماليات ڏانهن مخصوص رُخ آهي، جيڪو هُن جي لڳ ڀڳ سڄي رچناڪرم ۾ پرڪرما ڏئي ٿو ۽ پاڻ ڪي اُن ۾ شامل ڪري ٿو:

ٻن شيُن جي اُبتڙ دِشائُن ۾ گَسڻ سان
آگ پيدا ٿيندي آهي
تنهنجي ”نہ“ ۽ تنهنجي اَنتَس جي ”ها“ جِي
ڪشمڪشِي رڳڙ
جيڪا تپت پيدا ٿي ڪري
اُن جي جهِيڻي ٻارڻ تي سِجهي
پَتِ وانگُر
منهنجو پيار
پَل پَل پَڪو ٿي رهيو آهي

(جهِيڻي ٻارڻ تي)

1

نِگاهن اَکِيان کنهنجي آيل لَڳن ٿا
بنا چوٽ تڏهين تہ گهايل لَڳن ٿا

ڏِسي گرمِي ڏاڍِي ڳُهرايم نَوان مَٽ
مگر سي اَکِيئي اُمايل لَڳن ٿا

ڇنائي ويا جي گهٽا سال اَڳم
اَڃا سي ئي جيءَ ۾ سَمايل لَڳن ٿا

پلاسٽڪ جي بوُٽن ۾ آ سوُنهن ڪيڏِي
اَصُل گُل گُلابي ڪومايل لَڳن ٿا

ڏُکوُن ٿا اَسين پر ڪِٿي پهُچنداسين
عقُل هوش هڙئي وڃايل لَڳن ٿا

ڪِٿي ٿي پَوي نا وري خوُن حق جو
تڏهن ’سچ ۽ ساٿي‘ لڪايل لَڳن ٿا

بٽي سِگَ گُروُءَ جا بَچايُن اَسان کي
اُهي اَڄُ لَهوُءَ جا اُڃايل لَڳن ٿا

اَڙي! ڇا ڏِسوُن اِشتهاري زمانو
رُڳو نقلي نالا ڦلايل لَڳن ٿا

سُواگت سُڃن جا جوُٺاريُن جي جڻہ جڻہ
سباڻن لءِ پادر پُسايل لَڳن ٿا

غــزل

اَڄُ ڪاش اَچين ها
مُون ساڻ جَچين ها

دل جي آڳُڙ ۾
ڪا ويل نَچين ها

هَلڪن ٿڌڙن سان
ٿِي باهِہ مَچين ها

سِڪ ۾ پَڄران مان
۽ تون بہ پَچين ها

لُڇندي ٻِن ڪُڇندي
سچُ! ڪانہ بَچين ها

ڪانہ بَچين ها، تہ بہ
اِتهاسُ رَچين ها

آهين منهنجا سوَن ڪِتي
يارا مِلين تو ڪونہ ڪِتي

سڏ ئي سڏ ڏِسُ ڪن تا سَڀُ
مَگر سَڏايو تو نہ ڪِتي

آهين مُون ۾، اَڳہ بہ ھُئين
ڏِسجين تو پر ڇو نہ ڪِتي

هِڪ ئي دل ۾ جاءِ مِلي
ٻي کا ڳولهي پو نہ ڪِتي

غزل ٻُڌايئِين، تو لءِ آ
مَحفل ۾ ڇئِبو نہ ڪِتي

آس ٽُٽڻ کان اَڳُہ ڳڏجوُن
توکي آهي اون ڪِتي

تنهنجي مُنهنجي وچ ۾ هو
ڪو بہ ڪڏهِن پردو نہ ڪِتي

5

اَسان تي اَسان جن جي ناهي عنايت
ڪيون ٿا ٻين جي سِتم جي شِڪايت

نَوان روُپ ناٽڪ جا ٿين ٿا مندر ۾
رچي ڍونگ جوڳي ٿا لاهن حجامت

اَٿن تنگ هٿ تہ بہ ٿا گُهرجوُن وَڌائن
عجب آ، ڏين مُشڪلاتن کي دعوت!

ٿهڻ وارا جاهِل تہ ناهِن بہ جاهِل
پُڇي ڪير توکان ٿَئي ڪهڙي لياقت

لُٽڻ ۾ تہ سَيئي ٿا ڏسجن برابر
اَصُل ڪونہ ڪنهن ۾ ذري جا تفاوت

اِهو هرڪو چاهي رَڪان ڪنهنکي ڊاهي
اَمن جي ٻَهاني ٿا ايڏي شرارت!

لَڳس اَهڙيوُن آهون جو پاپي مَري پيو
سوارٿ کان تنهن کي سڏن ٿا شهادت

صدي ويهَن جو آهي بُنياد واري
اَڏيندا سين ڪِئن اُن تي سُندر عمارت ؟

4

سنڀالي قدم کي تون اَڳتي وَڌائج
ڏُکائي دِلين کي نہ بنگلا اَڏائج

سَتايل، ٻُڪايل ۽ محتاج مَن کي
ڏئي ڏيُ مدد جو، تون ڏُکڙو وَنڊائج

ڏُکن کي ڏِسي ڪين تيجان ۽ ششدر
سُکن جي طلب ۾ ڏُکن سان نِڀائج

سهي سوُر سختيون جِئي پيو تو اِنسانْ
ڏِنگن ظالمن کان توُن اُن کي ڇڏائج

مَتان ميڙين مايا ڪري ڪارا ڪم، ڙي!
غريبن اَميرن جو ويڇو مِٽائج

7

مُحبّت ۾ مُونکي بہ ويو ماري ڪوئي
وِساري وِساري وَري ساري ڪوئي

مِلڻُ دِل جو دِل سان تہ ناهي ڪَٺنِ، پر
رَهي دوُر دِل کان ڏِسي گهاري ڪوئي

چون ٿا تہ چاهت ۾ ڇهڪيو پَوي ڇِٽُ
سَنواري پو من ڪنهنجو ڇو کاري ڪوئي

سُٺي سَڏڙا مُنهنجا سري آيا سڀ ئي
وَڏائي قدم تڪڙا ويو ٽاري ڪوئي

سنيالي سنيالي هَليُس پئي سدائين
ڦُري پو بہ ويو مونکي پُڇڪاري ڪوئي

غمن ئي غمن سان ڳُتيو پيو اَٿم من
ذري ڪا جِڳهہ آ اَچي واري ڪوئي

نئون ورق جيون جو واري ڇڏيوسين
ڏئو پيار جو دل ۾ ٻاري ڇڏيوسين

مِليو مُحبُ هاڻي هٽي منُ هنبوڇي
ويو پلُ، جو ڳٽنيُن ۾ ڳاري ڇڏيوسين

ڪيوسين ڦِتو پريم - ساگر ۾ دل کي
خبر ناهي ٻوڙي يا تاري ڇڏيوسين

وِسارڻ جي چاهيان نہ وِسرين ڪڏهِن توُن
سَچڻ سوُرُ تُنهنجو وساري ڇڏيوسين

ڳنديوُن ها ڪِتي ڪونہ هرگز هيِ ناتو
اَڙائي اَکيُن جي اِشاري ڇڏيوسين

وِڃائي عقُل اَهڙو شاعر بڻڻ کان
نہ ڇو پاڻ کي تنهن کان ماري ڇڏيوسين

ساڳهہ مِلي تُنهنجي ڏڙڪن سان
سِڪ سان هڻُ مُنهنجي ڪَن تي چڪُ

تُوُن آهين ڄڻ مڪّڻ-ماکي
۽ مان تہ سڄو ئي اَڪَ جو اَڪُ

اَسين ٻَئي هڪ ٻئي جا آهيوُن
اي دُنيا! توُن ٻلي پٽئي ٻَڪُ

8

اَکڙيوُن تنهنجون آهن چقمق
دل کي موهي ٿو دلڪش نَڪُ

ننڍڙن سُهڻن ڏندَن مٿان، ٽِي
چَپَ کولين جئن ڪو سِپَ جو ڍُڪ

تنهنجن ڪومل نرم ڳِلن تي
هُجي سدائين مُنهنجو ئي حقُ

ڪَهي اَچان ديدار ڪرڻ مان
توکي ڏِسندي لَهي وڃي ٿڪُ

سنسار ڏنا ٿم سوُر گهڻا
توکان دوُري مگر وڏو ڏکُ

جلد اَچي وڃ اَچان ٻه ويجهو
آءُ مِٽايو لَڄّ شرمُ شڪُ

تَن ۾ تنهنجي چندن - دوار
تون منهنجي ۽ مان اُن جو ڍُڪ

10

عمر سڄي پل مَهٽي صابڻ
ميرو رهندو ميرو ئي، ٻُڻ

ويس مَٽي سؤ ساڙهيوُن پائي
هيٺ مَٽي هوُندُس ليڪن چُڻ

پائوُڊر جا ليپَ لَڳڻ سان
ڪون لِڪي ٿو مُنهَن جو ڪو ڏُڻ

اَکڙيوُن گويا درپڻ آهن
پڌري ڪن ٿيون اَندرين اُڏڻ

ٻج پوکيو تو آهہ ٻٻُر جو
ٻير نہ مِلندءِ ڪنڊا ئي لُڻ

جيون پر جو راز سَلي ٿو
ڪنهن جو هڪ گُڻ يا هڪ اَوگُڻ

9

پالي ويٺو آهيان لَقڙا
ڦاٽي ويندا ٽَنَ جا ڪپڙا

چنتائن آ چوُر ڪيو ڇو
آيا نِڪري منھنجا هَڏڙا

تنھنجي سِڪ ۾ منھنجي پيار
جنم ڏئي ڪيا پئدا رڳڙا

پيار پَڪو آ تنھنجو منھنجو
ڪڏهن نہ سمجهن دماغ ڪچڙا

ڇريو ڇئي ڇيڙايو ننڍڙن
روز نصيحت ڪن ٿا وڏڙا

پيارُ نہ ڄاڻن پيار جا سي ئي
ڪولي ويٺا آهن هَٿڙا

دل ٿي چاهيو يارَ ٻڻن سڀُ
ويري وڌيا ويٺر تڪڙا

ڏنوان اُهو، هَٿ ۾ جنهن جي
هَٿڙا تُنھنجا ميندي ۾ رَتڙا

دُعا ڀنان شل چُمن سدائين
مُنھنجا چَپڙا تنھنجا ڳلڙا

12

اَول آسان کي وَڏو مچيائوُن
پوءِ رمز سان تڏو ڪنيائوُن

پَٽ پنهنجي تي ڪَٽّ پَرائي
ويٺر تنهن تي اَڏو اَڏيائوُن

پيٽ ڪئيسين ماڪي مِصري
موٽ مگر وِڪ-ڪَڏو ڪيائوُن

لوئِن جنهنکي، ڪو به نه مِليُن
’لعلڻ‘ وارو لڏو لَڏائوُن

هيٺ مَٿي وارا ته وَڏي ويا
سِڌِن سَنوَن کي جَڏو ڇيائوُن

ڌاڳه ڪرڻ لءِ سِبڻ نِوائيُم
مگر ٻَچِيءَ ۾ ڦڏو وِڌائوُن

دل ۾ هو سوراخ اَڳيئي
ڪوٺي ڪوٺي ڪڏو ڪيائوُن

مَرڻ لَڳا وارث به ’مُئِن‘ جا
ماس نه مِليو هَڏو مَنجهائون

11

مان شل اَهڙو پاڻي بڻجان
تون مون سان وَهنجين، مان توسان

ليپُ بڻان، سو ليپُ لڳڻ سان
تون مَهڪين جڻ مان پيو مَهڪان

دِل دِل ۾ اِئن پيهي ويئي
ڏارَ ڪبو ڪئن ڪنهن کي ڪنهن کان

ڏور نظر جي راهه بڻي جا
بس هڪ اَڇ وڇُ تُنهنجي تنهن تان

سُرتِ اُڏاڻي دوُر گگن کان
ساهه ڪنهُنه پي ايڏو پرسان!

پنهنجي دُعا، اَکه اَنکي اُپ ۾
تون گُهرجين، جيون جي بدران

14

نَھن-چوٽيءَ جا ڪري جتن
پٽر سَڏبا نيٺِ رتن

ڌرتيءَ جي سازش اَڳيان
ماٺ ڪئي مجبوُر ڳگن

ڳُل ڏسو وڃي ٽي.ويءِ تي
ڏاڍي ڇِڙ مان ڇيو ڇَمن

من جي ڳالھہ بہ ڪر من سان
ٻاھر ڪنھن جا ٻُڌن نہ ڪن

محلن ۾ ڪَٻروُن ڇِٻرا
فوٽپاٿن تي ڌؤيوؤن

گھر جو حالُ نہ پُڇ ڪنھن کان
راز سَليندا ھِي برتن

سڀ وٽ ساڳيا اَنگہ - عضوا
پوءِ بہ ڪي ڪي وَٽن بدن

اَنبن جي ڪاٺين بدران
ڌوُنھَن جَلائي ڪَٻَنِ ھَون

واڇھائيندي شالُنِ لءِ
آخر اوڍي ويا ڪفن

13

هڪ ئي هنڌ هيڪاندا گھاوَ
مونکي منهنجا وڻن تَناوَ

وَجُهہ مِليو هو ’ٻِنَ‍ٻ پريو‘
اَسان چِڙها ڪاڏا پي تاوَ

رُڪجي ويئي اَڏ ۾ راهہ
آڏو آيا ڏير سُجهاوَ

هِن کي هُن کي جنهن کي چوُنڊ
هَلڪت آيا لڙڻ چُناوَ

رُج ۾ اُڄّ ٻُجهائڻ ڪاڻِ
ڳوڙهن جا هي ڀريل تلاوَ

چوٽ مَٽان جا چوٽ لڳِي
چِٽجي وِيا ڇَهري جا ڀاوَ

جانِ بِنا ڪنهن جِسم اَندر
جانِ ڀَري سگهيا نہ ڇُهاوَ

سير مٿان ها سير سَوا
سير سَوا سي ٻڏيا پاوَ

بَد ڪان بدتر حال ٿيا
جڏهِن جڏهِن آيا بدلاوَ

ياد اَچي ٿي ڇُهڻ لَڳي
کيڏڻ ڪوٺن ۾ ٻه لِڪان

موٽر ڪارُون اِسڪوُٽر
ڇيڙائِن، جي پنڌ هَلان

اَٿر نه ڪوئي اَڱرن ۾
اُڏما دل جا ڪيئن لِڪان؟

هٿ پير ويا ڪپجي جي
ياٻ پروسي ڪئن جيئان

مرڻ مهل دل دانهن ڪئي
يارُ اَچي نه وري ڏِڙڪان

هِڪڙو حقُ جي موُنکي ڏين
توکي پنهنجو مان ٻه چَوان

’رام‘ سدائين ساڻُ اَٿم
چو نه ڪري کي پاپ وَٺان؟

پاڻ روئڻ ۾ پورو مان
ڳوڙهو ڪنهنجو ڪيئن اُگهان

دُعا مِلڻ جي آس اَٿم
بيدل ۽ بيرحم وَتان

خوب ڏُکايَم دل ڪُن جي
هاڻي وينو پاڻ ڏُکان

هَلي وڃان پل پورب - پڇم
ڏيان رهي تو پر ڪُن ڏان

ڪيڏا ويجها مائٽ سڀُ
ڪو بہ نہ ويجهو پر تن مان

سُکل سُکل آ هِي جيون
رنگہ ۾ ڪنهنجي ڪاش پِڄان

پيڙ پري هن ڏُنيا ۾
ڪنهن جو ساٿ نہ آ ڪنهن سان

ٻول وڄن پر آنءُ ٻڌلُ
پير کُلن مان خوب نَچان

17

ڪي دلبر ۽ ڪي نادان
قسمين قسمين جا اِنسان

هڪ ڪان هڪ سپ پهُتل چور
ڦاٽو ڪو نہ ٿيا اَعلان

سيني جي جَمر جي هِڪ راهہ
مرڻ مهل قبرُون شمشان

چئِنُ صبُر نِند ڪَيَن حرام
مڇر مُنگهڻ ڪيڏا ٻلوان

اَنُ پوکِن، سي ئي بُک لُٽن
در در پِنڪن، عجب! ڪِسان

دفنايل آهن چُپ چاپ
ڪڏهن مَچايا جن طوُفان

گهر ۾ وَڃن لڳائي باهِہ
اَڄُ جا هي کهڙا مَهمان

دل جي جاءِ بہ گهيري درد
رهندا ها جِت ڪي اَرمان

16

دل ۾ ٿم طوُفان سَوين
ٻاهي وِڏن جَهان سَوين

جاءِ نہ جوڙي ڪنهن جيءَ ۾
ٽوڙي پاٿم مانَ سَوين

'هوُ' تہ نہ آيو اَڄُ تائين
اَڻ-چاهيا مَهمان سَوين

هِڪُ هو شايد ويامي پيو
هاڻ ٿيا ڀڳوان سَوين

ٻوُساٽي موُن پاڻ هٿن سان
دفن ڪيا اَرمان سَوين

ٺاهِڻ لاءِ نہ ڏِسجي ڪو
ڊاهِڻ لءِ اَڳوان سَوين

ڪِرشن جو يُڳ اُبتڙ اَڄُ
گوپي هِڪَ ۽ ڪانَ سَوين

لڳل لڙايوُن 'تون-مان' جوُن
ماري وڏن مَهان سَوين

پنهنجا پنهنجا هر ڪنهن جا
رامايڻ قُرآن سَوين

رِشتن ۾ ھو رُسُ
اَڄُ منگل ڇَنڇر

مُئلُ مُئلُ آ منُ
جِئرو تنُ آ، پَرَ

آوازَ اَٿن، جئن
ٿِرانْ ٿِرانْ ڪن ڏيڏرَ

ڪو بہ نہ مُڙندو، پل
چوندو رھُہ ھرَ ھرَ

محلن ۾ ڏِسجن
ماڻھُن جا ڪنڊھر

18

ڪيتن عيوض ڳَھرَ
ڇِت تي ھلندا ھَرَ

ڪاٺُ نَدارد وَٽِ
چوُڏر فائيبرَ

اُڏرن ڪيئن پَکي
شھر لَڳايا پرَ

ڪڏھن نہ پھچندي ٽَڪُ
ساڙيِ نظر نظر

ڪانڌي ڪاڙُن ۾
پنڌ نہ ڏِسبا سَرَ

پاپ ويا وَڌندا
تن ڪان وَڌ مندرَ

20

اِلزام لَڳو، لڳڻو هو
نِڪرُ مَٿي تي پڇڻو هو

روڪُون ٽوڪُون اورانگهي
هِن ڪي هُن سان مِلڻو هو

ناحق ڪنهن کان مدد گُهري
مون وانگي هوُ سَڪڻو هو

ڪونہ هَلي ٿو سچ، سچُ آ
پوءِ بہ سچُ-سچُ چوڻو هو

جانِ وڃي ها، بيشڪ، پر
مُلڪ نہ ٽوڪي ڇڏڻو هو

وَڻُ مَري جِتي جنم وَتي
ٽوکي پڻ تِئن ڪرڻو هو

19

گهوريا جن پنهنجا تنَ منَ
ساريو تن کي آهِہ وطنَ

گُلَ ها جنهن جنهن گُلشن جا
آنسوُن ٽپڪايا پَنَ - پَنَ

هيموُن-هيموُن ڪري پَڏَنِ
سِنڌوُءَ جو جلُ، سِنڌُ جا اَنَ

ڏاهِر جياں چڙ لعل، اَمان
ديس مٿان آهن دُشمن

هاڻي رَهبو ڪمر ڪَسي
رهڻُ نہ ڏينداسين رَهزنَ

22

مان ٻہ مندر مان تي آئيس
ترڪڻ ۾ ترڪي آئيس

ڪڏهن گهرايو آهي ھُن
ٻُڇڙو پاڻ هلي آئيس

ماڪ ڦڙا مون ڪونہ ڏٺا
پلڪون پنل ڏسي آئيس

ڪن ڦاٽا تي پَجنن سان
چڙ مان جلد اُٿي آئيس

ڇا تہ ملڻ جو موقعو ھو
سورن سان گڏجي آئيس

ساھہ ڪنيو، ھڪ گيت ڏنم
سونهن سڄي ائن پي آئيس

ناهي هاڻي مون سان هوءَ
مَلي سِندُر ميندي آئيس

21

نِنڊ ڏِئي ٿي سُهڻا سَپنا
آهِہ ڪِٿي تِئَن دُنيا ورنا

هِڪ کان هِڪُ سُپ ٽُڪر جِگر جا
سَلما، سِمرن، روُبِي، رَتنا

هوشُ اَچِينِ تہ سمجهِن سَچ کي
مَد ۾ تو موُن جَهڙا اَدنا

بوُند بوُند سان جَهرڻو بڻجي
رات صُبح سان هفتا مَهنا

ڪاهي آيا شينهَن شهر ۾
گُگدامِن تي گوڙ گَرِجنا

هيِٺ لَهي هلُ، نِرملتا رکُ
نِت سيکارِن گنگا-جَمنا

اَکڙيوُن پنھنجوُن صاف کَيو
ناھِہ اُھو جيکي ڏِسجي

بيشرمائي وَڏي وَئي
نوکر کائي ٿو ڪِلجي

ٻاڪُن جي ناموُس ٻُڏي
دل چاھي بدنام ٿِجي

جيئڻو آھي مونکي اُتِ
دم دم ٿو جِت دمُ گھُٽِجي

شھر سَڄو ئي ٻَرڻ لَڳو
گرم ھَوا کان ٿو ڏُکِجي

دل تہ ڏِيڻ لءِ تيار گھڻا
ونجي بہ ڪٿي تہ ڪِٿي رَکجي

23

ڳوٺُ جڏهِن تو کو ڏِکجي
چاچي ماني ءَ لءِ وِکجي

مُنهنجن موُنسان ٻوهَه کيو
ڏارين کي چا ڏوهَه ڏِجي

ماءُ ڇٽي تي، پالي پڙ
پوءِ ٻه پُٽُ پيءُ جو سَڏِجي

شاد رهڻ جي دُعا کري
هاڻ پيو تو پوسرجي

ڦٿا ٻئي جيون ساٿي
هِڪ جي سامهوُن ٻيو کُسجي

ٺُکرائي جن دوُر کيو
اَڄان ٻه ويجها سي دل جي

پيالا پيالا ٺَکرائي
پنهنجو وينو غم کَنِجي

اِڇائڻ اُميدون اُتيوُن دل ۾ کھڙيون
لڳن هاءِ! پاڙي ڇِڄاڙڻ جھڙيوُن

هي زنده رهڻ جو ڇا مقصد اِهو آ
حياتي اَسانکي، اَسين کيس رهڙيوُن

نئين ڳڻ ڪيو آ اَثر پڻ نئون ئي
اَچي قُربُ هو هاڻ ڀُڏجن ڏِھڙيوُن

محل ماڙيوُن سيئي ته تارا-سِتارا
ڪکن جي گھرن ۾ اَجان اوُندھڙيوُن

مِلي جا بہ دل تنهنکي پنهنجي ڪري وٺ
وڃي بس بچيوُن تي اِهي جھڙيوُن تھڙيوُن

رڙيوُن چؤطرف ڇا اَسان ۾ ڪمي آ
يا گھڙجن پيو قسمتون اَڄ اَهڙيوُن

24

دل دل جي ڌڙڪن
منهنجا گيت بڻن

جڏن جڏن ساھہ کڻان
سِڪ جا ساز وَڄن

اَڱڻُ تَڪي راھُون
شپ شپ پيرَ پَون

ٻانھُن ۾ ھُج تُون
چَپَ رُخسار چُمن

ساءُ اچي جن مان
ساڻي ڪين سُجھنِ

مان ٻہ ڪڏھن ڇَھڪان
اھڙا ڏينھن اچن

ساڙي رکندي توکي ئي
تنهنجي اَکيُن جي اَڳني

چهرو جيڪر ڏِسي سگهين
اَگر رَکين ساڱ درسني

توڙي ڪيڏا نوٽَ سڙن
مِلي نہ گيان، نہ روشني

مُلهہ ڪندءِ سُپ ڪوڙيءَ جو
دُنيا توکان ناهہ ڊِني

تو ڪيڏي تڪليف ڏِني
ڇا ڪڏجي سا ڳالھ ڪِني

ھاڻي آھين اَڇي مَتو
پيٽُ ڀري ڪي سال ڀِني

ڪيسين جئندين گيرب سان
مؤتُ ڇڏَيندُءِ وار ڇِني

مرڻ پُڄاڻا شخص نہ مِلندُءِ
جيڪو تُنھنجي ڀھي ڀِني

ڇِپ تنھنجي آ مِرچن جي
تنھن مان نِڪري نہ چاشني

چاڻان، تو وٽ ڪيئن وَڏي
ڪُڏن ڪمن سان آمدني

ڏڙڪا ڏِين تِن، سَنو نہ جن
اَڪہ تنھنجي تي جڏِھن ڀِني

سِڄ کي شرمايو
ٻِجليءَ جي ٻلٻن

رُڃ ۾ اُڃ ٻَجاءِ
جهرٽا کَل کَل ڪنِ

هارِي پوءِ ٻہ خوش
ٿَپ ٿَپ گهر ٿَپکن

اوُٺايوُن نہ ھُجن
نہ سُڌارڪ نہ ٺَڳن

پيٽ ڪَٽي ڪِن جا
پيٽ پيا پَلجن

جن وَٽ ڪونهي ڪُجھ
سي ئي ٿا لُٽجن

نازُڪ هلي هَوا
ڦڦڙ پيا ڦٽڪن

ڏاريو پَلي ڪُهي
وَڍ پنهنجا نہ وِجهن

ڪُجھ ٻيِ ڪون ڏنو
وڏن وڏن جلسن

مُلڪ وِڌو ڪاري
اَڄُ جي اُستادن

29

گُونگا ماڻھُو، ٻوڙا ماڻھُو
توڙي ڪائن ڪوڙا ماڻھُو

جڏھن جڏھن اَڪ پوين مُونتي
مُنھن کي ڏِين ٿا موڙا ماڻھُو

ماءُ ڪِٿي ۽ ٻار ڪِٿي ٿس
ڪيڏا سَھن وِڇوڙا ماڻھُو

قاتل وَنڊ ڪَٽ جوڙ ضرب ۾
دل جا ڀڃن نہ ڪوڙا ماڻھُو

مِٺا لڳن جي ھردم مُونکي
ڪِن لءِ سي ئي ڪوڙا ماڻھُو

واندا ماندا ڀِٽڪن ڦٿڪن
ھِت ھُت ھٽن ڳپوڙا ماڻھُو

مُلڪ وڏي، سو ڪم نہ ھُجي ڪو
ڪمِ آڻبِنِ ھَٿوڙا ماڻھُو

ڪيڏي آھي ايڪانت ھِتي
ويٺل ھِت ھُت جوڙا ماڻھُو

اَحساس اَرمانن ٻِن، چڙ
ڪيڙا ۽ ماڪوڙا ماڻھُو

يارن سان هاڻ نہ ياري رکبي
ڪانءُ مَٽان، هينئن ڪاري رکبي

بين چا، پاڻ بہ ڪونہ ڪئي ڪَٽ
جي رَکِي تہ قيمت ياري رکبي

پُڇن اَچي پيئڻ وارا مون سان
پِنل پلڪ جِي بہ خُماري رکبي

شيوا جي ميون سان سَہر ٿيا
تِن جي ڏَن سان جنگہ جاري رکبي

هوُ مون ۾ چا ڏِسندا، چا ڏِسندا؟
دِل سان گڏُ شِڪل بہ ڪاري رَکبي

تهذيب بنا سڀ ڪُجهہ اَڻ پوُرو
اَدب ڪلا ڪاڻ پنڌاري رکبي

31

ڳُل ڳهٽ آهن ڳاهہ وڏيک
مالهي بيپرواهہ وڏيک

ٻارُ سِڪي ۽ روئي سُڏڪي
رانديڪي ۾ ساهہ وڏيک

ٻاھِہ وِسائڻُ جي ٿو چاهين
دِل کي ڪر درياهہ وڏيک

جڳہ مڳہ جڳہ مڳہ جلسا جلسا
چڙ چڙ ۾ پڙ چاهہ وڏيک

ڏرم ڪرم جي چادر هيٺان
مون بہ ڪيو تہ ڳُناهہ وڏيک

دلگير ڏُکايل ۽ حاسد
شيام بہ آ پر شاهہ وڏيک

30

ھُنن کي ڏِنوسين فصُل ئي ڪَٽيندي
اَسان کي عمر ٽي نِجو ٻِجُ چٽيندي

نوان ٻوُٽا پوکڻ جي ڪم تي لڳل ھا
وِڃا ڍُنِ سَڄو وقتُ پاڙوُن پٽيندي

ھُئي آس ڏاڍي تہ سُرھاڻ ڏِسبي
وئي سا ھوا من کي ويتر لَٽيندي

اَلڳہ ڍِنگہ سان ٽو جِئڻ چاھي ھرکو
مَلم کو مَليندي، کو کنھنکي ڦٽيندي

وَڃي ٽي غريبي بہ ٻيڻوان ٻَٽبي
’غريبي - غريبي‘ رٽيندي رٽيندي

ڇرڪ پرائي ڇيرِ سَڄڻ جي
گهائي گُهمندڙ گهيرِ سڄڻ جي

ور ور ويٺي ڇُمي ٻِلن کي
نہ، ڇنڇل ڇَڳ هِئن هيرِ سڄڻ جي

جوين جيڪر ڄَرڪي پئي اَڄُ
ڇُنري هيڪر ڪيرِ سڄڻ جي

ڪيسين هڪ هنڌ بيٺي هوُندي
دلڙي موُن ڏي سيرِ سڄڻ جي

هلڪا هلڪا گهاوَ ڪري ٿي
مِلڻ اَچڻ ۾ ديرِ سڄڻ جي

گُل ۽ گُلشن ڪان وَڌ خوش ڏِسُ
لڳل اَڱڻ ۾ بيرِ سڄڻ جي

پاڪُ رهڻ جي هيرَ پيل تس
ڪا-ڪا عادت ڦيرِ سڄڻ جي

ڪي شعر لِکان، جي مِلي وجي
پيشُ، زبر يا زيرِ سڄڻ جي

اَکيوُن هي اَنوکيوُن ڪِٿان يار پاتيوُن
ڪڏهن مُسڪرائن ڪڏهن چڙ تہ ڪاتيوُن

ڪِٿان هي سِکيوُن تيز تيرن سان چيرڻُ
نہ تيرن ۾ چايوُن نہ تيرن ئي تاتيوُن

لڳي تو هي موُنسان سَلڻ سڀُ تيوُن چاهن
نہ سمجهان تو ٻولي، هُجن جئن ڪي ٻاتيوُن

ڦِرڻ سان هِنن جي ڦِري سڀُ وڃي تو
هي صُبحن ڪي ڇا تيو، ويا ٻڌجي راتيوُن

ڪري تيوُن ڇڏن روُح سُرهو سدائين
پکيءَ لاتِ وانگُر لڳن اَکہ جوُن باتيوُن

جڏهن ٻن ڏِنو ٻن ٻِيُن کي بہ سامهوُن
ڪُهيوُن هِڪ ٻِئي ۾ سَمائڻ لءِ آتيوُن

ٻُڏي ڪِئن ويون دِل جي اوُنهين بحر ۾
ٻَري ڪان ئي بيٺي تي پاتائوُن جهاتيوُن

اَلائي ڇو مقبوُل ڏاڍيوُن تين تيوُن
ڪي نَظموُن اَکيُن تي جڏهن پيي موُن ڳاتيوُن

35

هوُ بہ پاڻ کي صحيح چوي ٿو
ڪيڏو نہ هيٺ لَهي چوي ٿو

مان بہ ڪيان سڀُ عيش عشرتوُن
چندن مٿي تي گَهي چوي ٿو

’اِنتقام مان وٺندُس توکان‘
منهنجي دل ۾ رهي چوي ٿو

منهنجي اَرمانن کي اَڄ هوُ
بند نوٽن جي ٿَهي چوي ٿو

نهندُس نهندُس ضروُر نهندُس
سؤ سؤ ڀيرا ڏَهي چوي ٿو

ماءُ ڪِٿي ۽ ٻار ڪِٿي ٿَس
سِنڌوءَ جو جل وَهي چوي ٿو

ڪانہ لِڪايم ميڙي چوُنڊي
وري وِڇايم ميڙي چوُنڊي

دل جي دؤلت سانڍيا ڪاتي
وَڃي لُٽايم ميڙي چوُنڊي

هَٿ خالي جا خالي آهِن
راس نہ آيم ميڙي چوُنڊي

هِن هُن جي پڻ موُن وٽ موُڙِي
سا بہ تِڃايم ميڙي چوُنڊي

سڪڻائي ٿم مِلي وِراثت
سڀ ڪِي پانيم ميڙي چوُنڊي

سِنڌي، رکن نتا اَڄُ سِنڌي
ساهہ سمايم ميڙي چوُنڊي

گُلشن مان گُم سيتل پَل
ڦوُل چُڻِن ۽ چانوَ ٽڙَلَ

گهاٽا رِشتا لَڳن ڇِڊا
اَهڙا ٻہ رَهن اَڳتي شَل

ساهہ جِسم ۾ جيسين آ
دِل تي هَلندي ڪاٻہ نہ جَهل

جي چاهين تو، مَنُ ٻہ کَٽِي
کَهڙي ڪم جي ٿَلَ - اَٿڪل

آيو تہ اَڪيلو هو، هوُ
سامهوُن هيڪاندا ڇَل - وَل

سوُنهن وَڌائي آ ڪنهن جِي
ڪاري ڪان ڪاري ڪاجل

چنڊُ لِڪائڻ جي ڪوشش!
هار مَڃي آخر بادل

36

شادي ڪرڻ ضروُري ناهي
پَل پَل مرڻُ ضروُري ناهي

هيرَ پيل آهي ٻوڙهن جي
ٻي شيءِ پيئڻ ضروُري ناهي

عزت وَنڻ آ پرپُٽ سوَلي
سامهوُن پَوڻ ضروُري ناهي

پاڻُ پَڏايوُن وينا هردم
هام ٻه هَٽڻ ضروُري ناهي

ڦَريِ وئي ڪا ڪنهن ڪي ٻالهه
توڪي ڦَرڻ ضروُري ناهي

پَلِ سوچِ، سمجُهه پر اَڳتي وَڌُ
واپس وَرڻ ضروُري ناهي

رِمِ جهمِ رِمِ جهمِ

رِمِ جهمِ رِمِ جهمِ وٺڻ لڳي آ
ٻُڌندڙ دِل اَڄُ ترڻ لڳي آ

1

سانوَڻ آندا ساوا ڏينهَن ٻه
موُج مَچائي آهي مينهَن ٻه
سادي سوُدي دِلڙي مُنهنجي
موُسم سان گڏُ کَرڻ لَڳي آ

2

بادل بِجلي هِڪُ گڏجي ٿيا
شرمائي سِجُ چَندُ لِڪي ويا
سار ستائي موُنکي کنهنجي
ساڃي اَڪِ پيي ڦَرڻ لڳي آ

3

مَست هَوا پر اَکڙيوُن آليوُن
دِل کولي ويني کي ڳالهيوُن
هَلڪي هَلڪي هِير هَلڻ سان
باهِ بِرهه جي ٻَرڻ لڳي آ

گیت

نظم

کوِتا

هِرڪائڻ لاءِ

گيت لِکان تو ڳائِڻ لاءِ
دِل ڪنهنجي هِرڪائڻ لاءِ

مُرڪ چَپن تي روز رَچي
صوُرت تَنهن سان خوُب جَچي
جوڀن ، کي جرڪائِڻ لاءِ، گيت...

گُلڙن وانگُر ڳِلَ ڪومل
بَدن مُلايم جڻ مخمل
سوُنهن سِکي شرمائِڻ لاءِ، گيت...

باغَ مَٿان تي بوُندَ وَسي
بوُند وَئي تم چَئُنُ کسي
ٻانهُن ۾ اَچُ 'پائڻ' لاءِ، گيت...

گيتَ ٻٽن کا لاتِ، پَکي!
سَمجهي شَل جذبات سَکي
سار لَهي سرچائِڻ لاءِ، گيت...

4

سانت نَدي حرڪت ۾ آئي
چنچلتا مَدهوشي ڇائي
اَڪڙيوُن ٻوُٽي جُنبش جوٽي
ساگر ڏي رُخ ڪرڻ لڳي آ

5

سوچِ ذرا جي ساڄن ايندو
ڪُجهہ ڪُجهہ ڏَکبو ڇا ڇا ٿيندو
هوش حواس نہ رهندا وَس ۾
دِل ڪنهن تي اَڄُ مَرڻ لڳي آ

هولي گيت:

رَنگَ ۽ اَنگَ

مَس مِليو آ وارو يار
اَڄُ تہ ڪيئُن مُنهن ڪارو يار

ڪاري مُنهنَ تي نظر نہ لَڳندي
ڪير وڃي پيو خبر نہ پَوندي
غفلت ۾ جڳ سارو يار...

ماڻهُن ليڪي رنگ هڻن پيا
موُنکي تُنهنجا اَنگ وڻن پيا
اَک جو سمجُهہ اِشارو يار...

موُن وانگر توُن پاڻ لُڪِين ٿو
خوُب لُڪِين تہ بہ ڪونہ ڇُپين ٿو
دوُر ٿِئي موُنجهارو يار...

هوُنءَ پَلي بيداغ سَڏاءِ
ڇيو مَڃي پر اَڄُ تہ رَڱاءِ
ڪر ڪَڏ ۾ گَپ گارو يار...

چَڏِ واري چِٽا

من منهنجا مِٺا تو سؤ سوُر سَٺا
تُنهنجا سَپنا سُٺا تہ بہ اَرمان کُٺا

جن جو ڏيانُ ڏرين مَنَڙا مُفت مَرين
صدقي ساھہ ڪَرين سي ئي توکان رُٺا

داھوُن درد پريوُن ڦهري ڪِيڪوُن ڪَڙيوُن
ڪر نہ روئي رڙيوُن ٽيندا ماٽھوُ ڪَٺا

تو تہ ڪيڏو رُنو جڳ تہ بہ نہ ٻِنو
تو ڇا ڇا ڏنو، ڇڏ تون واري چِٽا

ڪوئي ڪئن بہ هَلي ويھُہ توُن پاڻُ ٻَلي
تُنهنجي اَندر ٻَلي ٻَرن باھِہ ٻَٺا

هاڻي هتان تہ لَڏِ هَلي نَئون گھُر اَڏِ
ٻَرَ جي ٻَچر بہ ڇڏِ ٽيندا سين ڏِٺا

ٻال گيت

ٻار سڀ جا يارَ
آهيون
ٻار سڀ جا يار

ڪِل خوشيءَ سان دِل وندرايون
راند روُند سان صحت ٺاهيون
ڪائوُن ڪڏهِن نہ خارَ
ٻار سڀ جا يار...

ڪوُڙ ڪَپٽ کان ڪيوُن ڪِنارو
سچُ ڳالهايوُن، سچُ آ پيارو
من ۾ مٺُر وِچارَ
ٻار سڀ جا يار...

ديشُ اَسانجي ٻَل تي وَڏندو
هرهِڪ خوش ٿي ڪِلندو، نَچندو
گهر گهر جا سينگارَ
ٻار سڀ جا يار...

رَنگہ ڪان کھڙو ڪَنڌُ ڪيائڻ
بھتر ٿيندو خوُب وِجھائِڻ
ناھي ٻيو ڪو چارو يار...

سال سڄي جي گرمي لاھيوُن
پريت نِڀايوُن پيڇ بہ پايوُن
ھيٺ لَھي ڪُجھہ پارو يار...

تن من تي ٽمٽار ڪري
پچڪاريءَ ڪان ڀڄُ نہ پري
پچڪاري تہ سَھارو يار...

لَڳ لاھي سڀُ لاڳاپا ڀَڄُ
ڪِن پلَ لالڻ تون گُم تي وَڄُ
وات ۾ وجھُہ ٿوُنارو يار...

ڳٽِيُن ۾ ھيئَن ڳرڻُ چڙي ڏي
جيئري ھوُندي مَرڻُ چڙي ڏي
جڳہ مڳہ ٻٽِڄ سِتارو يار...

شيواڌاري ڌاهن پيسا
پيسا ناهن سنت جي سيسا
ٻاهر پائن ڪپڙا ميسا
ميڙِن ڊالر روپيہ پائي...

نيوُن نيوُن نيتا جوُن چالوُن
نِڪمن کي پارائي شالوُن
جهڙا مَڙد تہ تهڙيوُن زالوُن
کهڙيوُن يار ٻُڌايان ڳالهيوُن
پيرَ چَٽڻ ۾ مَڃن ڀَلائي...

سِنڌيُن جو ڏِڻُ چيتي چَنڊُ
تنهن لاءِ جوڙِن جَبرو فَنڊُ
ڏي! نہ تہ سَهُہ گاريُن جو ڏَنڊُ
ڏِسٽي پوَندءِ نَچٽي مائي...

ماءُ سِنڌڙ پر پيءُ ٿن ڌاريو
ٻوليءَ کي تِن هَٽ سان ماريو
اُنهن نِدورن اَندرُ ساڙيو
مار خُدا جي پوين ڪائي!

نظم: بيشرمائي

بستيءَ جي ڏس بيشرمائي
مُلڪ سڄي جي هَلت اُهائي

پَڳ پَڳ تي آ دارُون دارُون
دارُونءَ وِڌيُون جڳ ۾ ڏارُون
ڪُڇن شريف ته ڪائِن مارُون
اَڪ مُنهنجي اَڄُ پرجي آئي...

شهر سڄي تي قَت ءِ قُرزيُون
گويا هرهنڌ گَند جو گُرزيُون
وچ ۾ تِن جي قتڪن ڪرزيُون
ساهه ڪٽِن ڪِٽن، بوُست ڇائي...

پرڌانن جا پرڌان هِتي
ءِ ساڌ بڻيا شيطان هِتي
تِن جا بس ڳُنڊگان هِتي
چڱن پلن جي دل گهبرائي...

نئين چيتنا

کيو نہ جيکي مُنهنجي وَڏڙن
مان ڪرڻ اُهو پڻ چاهيندُس
رُڪاوٽُن جوُن موڙي راهوُن
سڀُ راهوُن روشن ناهيندُس

ڪلا جڳت ۾ ناهي نالو
نِڪتل ساهِت جو ڏيوالو
راند روُند ۾ ڪير سُڃاڻي؟
موهيو موُنکي ڪاري ناڻي
هاڻ ڪندُس اَعليٰ رچنائوُن
مان ساز نَوان بہ وَڄائيندُس

ٻوليوُن ڪنهنجيون ناهِن داسيوُن
ماءُ مِثل سڀُ مُنهنجيون ماسيوُن
پاڻ ۾ سڳيوُن ڀينر آهن
هَلان اِئين جِئن موُنکي چاهِن
دِل جيتي هرهِڪ ماسيءَ جي
مان پنهنجو پاڻُ وَڏائيندُس

اَخبارُن جا پڻ ڪم بالا
روز ڇَپِن بس اَٽ ڏَھہ نالا
ڇو نہ ڇپن، جي پيارِن پيالا
سُڪلن سان گڏُ ٻارِن آلا
ناٽي تي آ نامَ ڪَمائي...

پَڳڙين تي ٽا پاڻُ پَسائِن
”آياسين“ اَحسان جَتائِن
ميز ڪري ٽا ٺَهڪ لڳائِن
سِياڻپ آهي يا چريائي؟

ڀڳواني ڀڳوان ڪي ڀَهُتي
اَڳواني شمشان تي ڀَهُتي
قيمت قدُرن جي ٽي سَسِتي
شرمسار آهي اَڄ بَستي
مارا! گِراوٽ ڪيڏي آئي

چانڊوڪيءَ ٻن

چانڊوڪيءَ ٻن اُپ ۾ چنڊُ
تہ هوا کان هلڪو ڪن لءِ جَنڊُ

لوُڻ ٻصر سان ماني کائِن
مالَ مِنايوُن ڪئن ورتائِن
مِرچن کان وَڌِ ڪؤڙي ڪنڊُ
چانڊوڪيءَ ٻن اُپ ۾ چَنڊُ...

چُتل اُهي جي کَن تا چوري
نِربل سان ئي هرڪا زوري
ڏِين هوُ مِسڪينيءَ جو ڏَنڊُ
چانڊوڪيءَ ٻن اُپ ۾ چَنڊُ...

هِنان هُنان جو تن سَبُ سُهاءِ
هِڪ ڏينهُن لڳندِن جبري هاءِ!
بي حجاب ٻرڪائِن ڦَنڊُ
چانڊوڪيءَ ٻن اُپ ۾ چَنڊُ...

ڪارو ناڻو سونا وَستر
ديجارن ڏيکاري اَستر
ڪيڏو تِن کي آهِ گهمنڊُ
چانڊوڪيءَ ٻن اُپ ۾ چَنڊُ...

در دريوُن سڀُ کولي رکجن
سُتي صحت جا راز نہ رُکجن
رهي روشني هَوا بہ تازي
مَنهنگي پوَندي آ ناراضي
ساٿي سيئي مُنهنجا ٻڌبا
مان نينهَن جو مينهُن وسائيندُس

ڪيو نہ جيڪي مُنهنجي وَڏڙن
مان ڪرڻ اُهو پڻ چاهيندُس...

روز گُهٽيندا هوَندس ڪيڏو !
ڪيرُ پلا نہ تہ چڙهندو ڦاهي

ظُلم ڪرڻ سان پاڻ ڪيائين
پڌرو پنهنجو ٻڻ آڪاهي

’مار خُدا جي پَوين ڪا شل‘
پاراتو ڪنهن ڏِنو پي ڏاهي

پُڻ - پُڻ آهي يَنڌُڻ مَچايو
چو نہ هُجي گَهرُ، مَندرُ چاهي

شرمائيندي پاڻ بہ هوندي
ورڏاتا هي جوڙا ٺاهي

ديڄاريندڙ ڪَمَ ڏي - وَٽُ جا
ٿيڻ لَڳا گاهي بي گاهي

ساندي وينٔي آ صدما جا
چو نہ سِپن جي لُپري لاهي

ڏوهي ڪُتبو، هرڪو ڏسندو
وقتُ اَچِئي پيو آگاهي

نظم : سانڍي ويٺي آ صدما

بدناميءَ کان بچڻو آهي
ڪُنواريتن کي ڪُڇڻو ناهي

مٽِي تي سڀُ ميڙي مائٽ
سيڻ اَچي ٿو پلتن ڪاهي

گهوٽ بڻجي ٿو کهڙو راجا
بي اِنصافي ئي ٿو چاهي

مِسڪينن تي قهر ڪرڻ لءِ
هرڪو بيٺو لاهي پائي

ڪُهن سدائين آسوُن ڪنهنجوُن
ڪاسائُن سان ڪيرُ نِباهي

باهِه ٻَري جِت جاءِ تہ جلندي
ٻارِن جيڪي تن کي چاهي

ڪَسي پَڪي سڀُ ڏَڪي پَلي آ
چو پهُچي سا هر چوُراهي

ڪَٿي نہ سگهبو ڏُکہ اُنجو، جنهن
پَرڏيل ڏيءُ آ رَکي رهائي

ڪِئن مَري وَئي ماءُ جي مَمتا
وَرَ وَرَ ويٺي نوُنهن کي واهي

مور نہ وِسرن واٽون

جيون جوُن پهريوُن سوغاتوُن
اُڪريوُن جِت پهريوُن ئي يادوُن
اُتان هلي پهناسين هِت
سي مور نہ وِسرن واٽوُن

وَنجهہ وَٽي ۽ ڦِر ڦِر سوُنٽو
لِڪ چُپ نَو ٽِڙ چنر چيِلو
ڇانوَ اُس اَڪبوُت بِلور
لغڙن جو رنگُ نيرو پيِلو
اِتي ڏڪر سان راڄ ڪيا جِت
هٽي گُهچا ئِيگاسين لاٽوُن
سي مور نہ وِسرن واٽوُن...

ياد اَچي ٿي ڪِتي ٻَڌِي
مُند هُجي پَل تِتي ٽڌِي
ڪينهوُڙي سان ڪيڏي سَٽ ڪُٽ
ڇا اَمير ڇا غريب جا پُٽ!
ڇٽو هَلي چوريو سيِ جو چِٽُ
لُڪائي ۽ تي لِڱيوُن لَپاٽوُن
سي مور نہ وِسرن واٽوُن...

سِنڌي هڪڙا پارتواسي

ڪو ڪشميري ڪو مدراسي
سنڌي هِڪڙا پارتواسي

ٻولي ڪا ٻہ نہ پانئِن ڌاري
هِڪڙي ماءُ تہ ٻي ڌَنِ ماسي

ماءُ مَٿان قُربان ڌِيَنِ تا
ياد ڪَيو هيموءَ جي ڦاسي

سورت-پرياتيءَ سان سِڪندا
شِوَ - رَنجني ييمپَلاسي

عقُل پَگهر جا ديپ جلائي
اوُندهہ مان ڪن پوُرڻماسي

هوُندو هرهنڌ سڀ ڪان اَڳتي
اَفسرُ بابوُ يا چپراسي

ڦهلائي سُرهاڻ اِلاهي
رهڻ نہ ڏيندا ڪا ٻہ اُداسي

اَفسوس! گهٽو آ مُلڪ، ڪڏهِن
ڪين ڪئي ڪا قدرشناسي

اَڻ-ڇاڻائي وَڌندي ويئي
راڻي ماءُ ٻڻايَنِ داسي

جانور

سَيِيتا ۽ مريادا جا ٻَنڌن
اِنسانيت جا ڳھڻا آهِن
گويا
اِهي
اِنسان کي اِنسان سڏڻ جا ثبوُت آهن
پر
موُنکان اِنهن جو بوجهہ سَنو نٿو ٿئي
مان اِهي ٻَنڌن ٽوڙي ڦِٽا ڪرڻ ٿو چاهيان
پوءِ تہ...
جانوَر ٿي پوَندُس!
... .
نہ نہ،
مان اِئين نہ ڪَندُس
اِنسان آهيان، اِنسان ٿي جيئندُس
پوءِ ڀلي -
جيڪو اَندر ۾ اَٿم، اُڪلي نہ سَگهان
چَوڻ چاهيان، چَئي نہ سَگهان
لکڻ چاهيان، لِکي نہ سَگهان...
جهڙو - جانوَر!!

قُربن سان هُئي دِلڙي ڦاٽي
ويا نہ ڄاڻان ڪيڏانهن ساٿي
سِڪُون اُنهن جوُن روز سَتائن
اَڄان اَندر ۾ روشن آهن
پَيوُن ٻَرن مَندر ۾ هِت هُت
جيئن ڏيئي جوُن لاٽوُن
سي موُر نہ وِسرن واٽوُن...

ڪيمِيڪَل پريمِڪائون!

منهنجون ڪيتريوُن ئي پريمڪائوُن آهن
اَلڳ اَلڳ گُڻن، اَلڳ اَلڳ سُياون واريوُن
سندن سُندر ۽ آڪرشڪ نالا آهن
ڪا ڪِلورِين آ، ڪا آيودِين ته ڪا نائيٽروجن
سيني جي پنهنجي پنهنجي سُڃاڻپ آهي
ها،
هِڪ اَڌُ هِيليمَ جيان هلڪي آهي
ڪي رَنگ هِين آهن، ڪي گَنڌهِين
ته ڪي وري سوادهِين
مان اُنهن اَڳيان
فقط ’هِين‘ آهيان
ايترين پريمڪائُن جو ٻُڌي
دُنيا مون سان سڙندي آهي
اِيرشا ڪندي آهي
مُنهنجا دوست
اَڻوُ ۽ پرماڻوُ ٻڌجي
مُنهنجي پُنيان پيل آهن

مُنهنجو رِشتو
فاتل ايم.آءِ.سيءَ (مِٿائيل آئيسوسائِينٽ) سان به آهي

ٽريجڊي

مان
جيڪي ڪُجهه ڪريان پيو
سو اِنهيءَ لاءِ تہ -
مَرڻ مهل
مُنهنجي اَرٿيءَ سان
ماڻهُن جا حشام هُجن
پر
باوجُود لَکين ڪوشش جي
مان
اُهو ڏسي ڪونہ سگهندُس!

مُنهنجو ڏوھہ؟

’مڇر‘
’مُنگھڻ‘
چؤطرف بدبوءِ جي مارَ
مان تنگ آھيان
سُمھڻ تو چاھيان
مڇر، مُنگھڻ ۽ بدبوءِ
سُمھڻ نٿا ڏِين
مان پَريشان آھيان
’سُمھڻ ڏِيو‘ ـ ’سُمھڻ ڏِيو‘
چِلايان تو
....
زور سان چِيخيان تو
ڪنھن تي بہ ڪو فرق نٿو پوي
مان روئي تو پوان
روئندو ئي تو رھان
ڪوبہ نٿو ٻُڌي
مڇرن، مُنگھڻن ۽ بدبوءِ جو
حملو جاري آ

پر
ھِڪ توُن ئي آهين
جنهن جي ڪري مان جيئان پيو
تون آهين تہ مان آهيان
پريہ!
توُن مُنهنجي آڪسيجن آهين
مگر
خبر اَٿيئي؟
تنهنجو بہ هِڪُ سُياءُ
موُنکي ستائيندو ٿو رهي
تُنهنجي اِها هَلت نيڪ نہ آهي
اَفسوس!
توُن بہ اوتري ئي خطرناڪ آهين
جيتري ايم. آءِ. سي.!
بس...
فرق آهي تہ صرف ايترو
جو، هُن جي اَچڻ سان مُنهنجو دم گُھٽبو آهي
۽
تُنهنجي وڃڻ سان!

جهِيٽي ٻارڻ تي

مُنهنجو رِشتو
تُنهنجي *اَنتَس سان آهي
توسان نہ
جي توکي
اِن ڳالهہ کان اِنکار آهي
تڏهن بہ
اُن جو کو اَرٿ کونهي
چاڪاڻ
اُها ناڪار
تُنهنجي آهي، تُنهنجي من جي نہ

ٻِن شيُن جي اُبتڙ دِشائُن ۾ گَسڻ سان
آگ پيدا ٿيندي آهي
تنهنجيِ 'نہ' ۽ تنهنجي اَنتَس جي 'ها' جيِ
ڪشمڪشِي رڳڙِ
جيڪا تپت پيدا ٿي ڪري
اُن جي جهِيٽي ٻارڻ تي سِجهيِ
پَتِ وانگُر
مُنهنجو پيار
پَل پَل پَڪو ٿي رهيو آهي

---

*اَندر/آتما

ناممڪن

تارا ڳڻڻ چاهيم
شروع ۾ ئي مُنجهيِ پيُس
ور ور ڪري ڪوشش ڪيم
ويتر
اُلجهندو ويُس
نہ چاڻان
اُهي ڪهڙا پريمي هُئا
جيڪي
’تنهنجي‘ اِنتظار ۾
تارا ڳڻيندا رهندا هُئا
مون ڪان تہ اِهو هرگز نہ ٿيندو!
تون اَچين
تہ اَچُ
نہ اَچين
تہ تُنهنجي مرضي!
اُهو اِنتظار ڪرڻ وري بہ مُمڪن آ
پر
تارا ڳڻڻ،
نامُمڪن، نامُمڪن

ماچيس!

حالتن
مونکي ماچيس ٻٽائي ڇڏيو آهي
۽ زماني؟
زماني هِڪ هِڪ ڪري
ڪيتريون ئي تيليون
پري ڇڏيون آهن مون ۾
تو بہ
هِڪ نَئين تيلي تيار ڪئي آهي
چاهين
تہ اُن کي چُپ چاپ
مون ۾
داخل ڪري ٿو سگهين
اَجان مون ۾
ڪُجھہ جڳھہ باقي آهي
مگر
خبردار!
اِها تيلي
مون تي رَڳڙين مَتان!
رَڳڙيَئہ...
تہ مان باھہ ٻڏجي پوَندُس
۽
ڪيترن کي جَلائي ڇڏيندُس

گول ڪيپر

زندگي هِڪ راند آهي
هرڪو رانديگر
پنهنجو پنهنجو جوهر ڏيکارڻ ۾
مَشغوُل آهي
ڪڏهن ڪڏهن
ڪمزور رانديگر به
بازي ماري ويندو آهي

مان پڻ
راند ۾ شامل آهيان
منهنجي ڪاميابيءَ جا
ڪيترا ئي گول
هيل تائين
تي چُڪا هُجن ها
اگر
شيطان پاڻ
گول ڪِيپر بڻجي
سامهوُن
بيٺو نہ هُجي ها

تہ
ساھہ اَچي مُٺِ ۾ تيندو اَتم
''کو''
شيطان شِڪاري جاڳيو
تہ
حسد وِچان ھَٽي ماري وِجھندُم
...
مان ڇا ڪندُس...؟
مان پرَ ڪتيل پَکي آھيان

ڏَپُ

مان پَر ڪٽيل پکي آهيان
مَس مَس وڇي زخم مِڙيا اَٿم
ايذاءَ جو اَحساس اَڃان بہ آهي
مَن مُوافق ميوا کائڻ ڇڏڻا پيا
هاڻي
هَلي سگهندو آهيان
پنڌُ ڪندو آهيان
هِت هُت پکڙيل داڻا چُڳي
پيٽُ پاليندو آهيان

''هوُ''
پاڻ سُتا پيا آهن
مُنهنجو پَنڌُ ڪرڻُ ۽ چُڳَڻُ
ڪين
ڇڱو نٿو لڳي
پيا ٿا پَڇرن پوسرن
ڪڏهِن هَڪل ڪندا آهن

اَسين

ماءُ - پُٽ
پَتي - پَتني
ڀاءُ - ڀيڻ
پريمي - پريمڪا
يا
دوست!
انهن مان ڪوبہ رِشتو
تُنهنجي مُنهنجي وچ ۾ ڪونهي
تڏهِن بہ ڀاڙ ڪي
توسان ايڏو جُڙيل ٿو سمجهان
گويا
مُنهنجو اَلڳ سان ڪوئي وَجوُد ئي ڪونهي!
اَهڙَن رِشتن ڪي
ڪو نالو
يا سُڃاڻپ
ڇو نہ ڏني ويئي آهي؟
... ...
شايد اِهي رِشتا بہ اِئين آهن
جِئَن توُن ۽ مان
يعنيٖ اَسين!

ڪم جو ماڻھوُ

ها،
ھوُ چور آھي
بدمعاش آھي، غُنڊو آھي،
بي ايمان آھي
ظالم، وَحشي، شيطان آھي
ھوُ
بلاتڪاري آھي، خوُني آھي!

توُن چَوين ٿو
مان سندس ساٿُ ڇڏي ڏِيان
ھوُن...
ڪيڏو نہ ناسمجھہ، نادان آھين
اُن جو ساٿُ ڇڏڻ لاءِ ٿو چَوين
جيڪو
ڪم جو ماڻھوُ آھي!

ٻين سيني پاسن کان ڏيان هٽائي
موُنکي
رُشت پُشت ۽ طاقتور بڻايو هو

بس...
هاڻي ٻہ ڇَڄَڙ وات ۾ اَڻم
’ماءُ جي ٿڃ‘
چوُسيندي چوُسيندي
وَڏندو ويجهندو ٿو رَهان!‘‘

ماءُ جي ٿڃُ

هِڪ حڪمران کان
سندس ڪاميابيءَ جو راز پُڇيو ويو
هن وراڻيو :
”زندگيءَ ۾ مِليلُ پهريون پاٺُ
پَڪو ڪيو اَٿم
ءَ اُن تي
اَڃان تائين
عمل ڪندو پيو اَچان“
ڳالهہ کي وڌيڪ چِٽو ڪندي چَيائين :
”موُن
ننڍي هوُندي
جڏهِن بہ ڪنهن سوُر کان، تڪليف کان
ڇيڪيو، چِلايو،
رُنو يا رَڙيوُن ڪيوُن
تہ مُنهنجي ماءُ
ٿڃُ جي چَڱَڙ ڏيندي
مُنهنجو مُنهُن بند ڪيو هو
اُن چَڱَڙ

اَنگوُر

اَسين اَنگوُر آهيوُن
اَصل سِندُ جي باغ جا
لذتدار، رس ڀريا
سُهڻا - سُهڻا
مِٺا اَنگور!
اَسين پنهنجيءَ ئي وَل تي
بِيٺا آهيوُن
جئن جئن
وَقتُ اَڳتي وَڌي ٿو
اَسين بہ وَلِ سان گڏُ
وَجوُن ٿا چوٽ چڙهندا
۽ اَسان ۾
تاثيرُ وجي ٿو وَڌندو
جنهن بہ
اَسان جي سوُنهن ڀَسي
۽ شيرِيِ چَکي آهي
سي
ساراهہ جا ڏُک ڀريندي
نٿا ٿڪجن

رَستو

”هُنن“
سدائين
مُنهنجي سيني تي لَت رکي آهي
ڪيترن تہ
مُنهنجي مُنهن تي ٿُڪيو بہ آهي
لتون ۽ ٿُڪُون سَهڻُ
چِيپاٽجڻُ، چِٿجڻُ
منهنجي نِيئَتيِ آهي
مُون کي
اُن جو ڪوبہ اَرمان ڪونهي
مُون بِنا پيد ياوَ جي
سيني سان
هِڪ جهڙائيءَ وارو وَهنوار رکيو آهي
۽ جنهن بہ مُنهنجي ڇاتيءَ تي پيرُ رکيو
يا ڦِيٿا گُهمايا
تنهن کي ماڳہ تي رَسايو اَٿم
...
مان هِڪُ رَستو آهيان

جهانڪيِ

’ڇو اَسانجي جهانڪي
پرجاوادي ڏينهَن تي
قومي پريڊ ۾ شامل نٿي ڪئي وَڃي؟‘
هُن ڪي
سَتر سالن کان اِها شِڪايت آهي
مون
کيس سمجهايو :
’سرڪار جو ڪوبہ ڏوهہ ڪونهي؛
جِن جي جوهر جي جهانڪي
نہ رُڳو ديش ۾
پر ساري سنسار ۾
هر روز پيئي ڏِسجي
اُنهن جي جهانڪيِ
سا بہ
ڪنهن هِڪڙي ڏينهن تي
ڪيڏي جي پَلا ڪهڙي ضرورَت ؟‘

پر
جيڪي پنهنجو پاڻ کي
اَسانجي برابريءَ تائين
آڻي نہ سَگهيا آهن
يا اَسان تائين
پهُچي نَٽا سگهن
تِن لاءِ
اَسين اَنگوُر کٽا آهيوُن
ءُ
کٽا ئي رهنداسين

مُنهنجي ماءُ، مُنهنجو گَهرُ ۽ مان

مُنهنجي ماءُ گوُنگي آهي
مُنهنجا ڏُک، درد
آهوُن ۽ دانهوُن
ڏِسي - ٻُڌي ٿي
يا نہ
پتو نٿو پَويم

آگسٽ ١٩٤٧ ۾
جڏهن اَسانجي گهر جو
نئون نقشو ٺَهيو تہ
گهرُ
ذرا ننڍو ٿي ويو
اُن ۾
اَمڙِ
فقط موُن لاءِ
ڪو الڳہ ڪمرو نہ رکيو
۽
سيني پائرن
جهٽ پٽ ڪري
پنهنجي پنهنجي ڪمري تي
پنهنجي نيم - پليٽ

غائب!

هِڪ پَويتر اِستان تي
لِکيل هو ـ
’سيني جو هِڪُ ئي رَبُ آهي
اَسانکي اُنهيءَ جي ئي عبادت
ڪرڻ گُهرجي.‘
مُون
اَلائي ڪهڙي خيال کان
انهن جُملن مان
’رَبُ‘ هٽائي
انهيءَ بدران
’ايشور‘ لِکي ڇڏيو.

بِئي ڏينهُن
جڏهِن اُن اِستان تي پهتس
تہ
’ايشور‘ غائب هو !

ڪجي ويندا آهن
سندن نظر ۾ به
ڪُجهه ڦيرُ ڏسڻ ۾ ايندو اَٿم

ڪڏهن ڪڏهن
مُون کي
’چور‘، ’بي-ايمان‘،
’مُنافعاخور‘، ’ڏنڊي-مار‘
ٻين به
ڪيترن ئي
لقبن سان
نوازيو ويندو آهي!

پنهنجي ئي گهر ۾ هيءُ حال؟!
مُون
ڪين
اِئين به چوَندي ٻُڌو آهي، تہ
مُونکي
ماءُ پنهنجي پيتان نہ ڄڻيو آهي
هِن نئين گهر ۾
ڪنهن ٻئي هنڌان

ٿَنگي چڙي

گهر جي ڪنهن ڪمري ۾
يا
اَڱڻ ۾
اَچڻ - وڃڻ ۽ رهڻ لاءِ
حالانڪ،
مُونتي ڪا ظاهري روڪ ٽوڪ ڪانهي
پر
ڪمرن تي ياڻرن جي لڳل نيم پليٽن تي
نظر پوندي ئي
هيسجي ٿو وڃان!
ڪيٻائڻ ٿو لڳان!

جڏهن بہ
گهر جي ڪنهن ڪُنڊ کي
سينگارڻ، سنوارڻ
جي
ڪوشش ڪندو آهيان
تہ
گهر وارن جا پِروُن

ڪُجهہ اَلڳ ئي آهي
اِهو تہ برابر
ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي
ٻئي گهر ۾
رهڻ وارن
ماڻهُن جو نالو آهي!

تہ ڇا ... ؟
مُنهنجي ماءُ
سچ پچ -
مُنهنجي سَڳي ماءُ نہ.....؟!

ذهن ۾ اِهو سوال سانڍي
مان
گهر جي سيني ڪمرن تي ٽَنگيل
نيم - پليٽُن کي
سَڪٽيُن نِگاهن سان
آخر ڪيستائين
تَڪيندو رهندُس؟
تڪيندو رهندُس؟؟

گود ۾
ڪٽي آئي هُئي!
....
اَفسوس!
مان
ماءُ جي پيشانيءَ تي
سچ يا ڪوُڙ ظاهر ڪرڻ واري
ڪا لَڪير به
نٿو ڏِسان
هوءَ
خاموش ڇو آهي؟
....
....
ڪٿي...
مُنهنجا ڀائر ۽ گهر جا ٻيا ڀاتي
سچُ ته نٿا چون؟!

ها،
مُنهنجو نالو پڻ
گهر جي
ٻين ڀاتيُن ڪان

سڀُ پُلجي ويندو آهيان
من جوُن آشائوُن
جهوُمڻ لڳنديوُن آهن
گهر، دفتر توڙي ٻاهر
بس —
ان قِسط مِلڻ جي خوشيءَ جو
نشو ڇانيل هوندو اٿم
....
ڏيري ڏيري
اُن جو خُمار لَهڻ لڳندو آهي
۽ پوءِ
مِليل ڊِي. اي. جي قِسط جو مُلهه بہ
گَهٽجي،
موُل پَگهار جيان لڳندو اٿم!

۽ مان
هِڪ دفعو وري
بيتاب ٿي پوندو آهيان
ڊِي. اي. جِي نئين قِسط جي مِلڻ لاءِ

ڊِي.اي. جي قِسط

مُنهنجي پتني
مُنهنجي ’بيسِڪ پي‘ (موُل پَگهار) آهي
۽ پريمڪا ـ
ڊِي. اي. جي هِڪ قِسط !
دُنيا ڄاڻي ٿي
تہ موُل پَگهار جو مُلهُہ مَٿي آهي،
ڊِي.اي. جي هِڪ قِسط کان گهٽو مَٿي!
پر مان،
خبر ناهي ڇو
انهيءَ ڳالهہ کي نٿو مَڃان/نڪو ڏيان ٿو ڌيان
سدائين ڊِي. اي. جي قِسط مِلڻ جي اِنتظار ۾
وياڪُل رهندو آهيان
....
....
۽ هڪ ڏينهن،
اُها مِلي ويندي آهي
آها!
مان ڪيڏو نہ خوش ٿيندو آهيان ـ
سرڪار جا ٿورا مَڃيندو آهيان
ڪيسي جو ڪَڙڪو
آفيسر جو دڙڪو

سڀ ڪُجھہ ڪمتر آھي
اَسين ھر طرح سان
ھُنن کان گھٽو گھٽو مَٽي آھيون
پر تنھن ھوُندي بہ
اَسانکي ’ھُنن‘ سان پيار ڪرڻ گُھرجي

’اَسانکي ’ھُنن‘ سان پيار ڪرڻ گُھرجي‘
شروع شروع ۾
مان اِھي اَکر
حيرت ۽ عجب سان گرھڻ ڪندو ھوس
پر
بار بار
اِسڪوُلي جلسي کان وٺي
راشٽريہ سطح جي جلسن تائين
اِسڪوُل ماسٽر کان ويندي
ديش جي ’ھِڪ نمبر‘ جي
۽ ’ٻئين نمبر‘ جي ناگرڪن جي واتان بہ
اِھو ئي سنديش ٻُڌندي ٻُڌندي
ھاڻي پَڪَ ٿيندي پيئي وڃيم
تہ
’ھوُ‘ برابر ھر معاملي ۾ گھٽِ،
گھڻا گھٽِ آھن

سُجاڳ!؟

پهرئين درجي کان ئي
مان ۽ ’هوُ‘
هڪ ڪلاس ۾ گڏ پڙهندا هُئاسين
نہ فقط پڙهندا... پر
هڪ ٻئي جي گهر ايندا-ويندا هُئاسين
گڏجي کائيندا-پيئندا هُئاسين
راند-روُند ڪندا هُئاسين
مطلب،
سڀ ڪُجھ سُٺن سنگتيُن جيان هو
پر
ڏيري ڏيري
اِسڪول جي جلسن ۾ تيندڙ
ماسترن، هيڊ ماستر
۽ مُکيہ مهمانن جي تقرِيرُن ذريعي
گويا اِهو اَحساس ڪرايو ويو -
تہ ’هوُ‘ هريجن آهن!
هُنن جي هَلت - چَلت
اُٿڻي - ويهڻي
کاڌ - پِيت
مانُ - مريادا
عزت - اِيمانُ

پهرئين درجي کان موُنسان گڏ پڙهڻ واري
منهنجي
سُني سنگتيءَ تي
نَفِي (Negative) اَثر ٿيو آهي، نتيجي طور -
اَسين هاڻي
هِڪ ٻئي کان
دوُر رهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيوُن
اوُنچ - نيِچ جو
پوُرو پوُرو اَحساس اَٿئوُن
اِنڪري
گڏجي کائڻ-پيئڻ کان بہ پرهيز ڪندا آهيوُن!
اَلا... اَسانجي وچ ۾ ايڏو ڀيد-ڀاو
پيدا ڪري ڇڏيُنِ!؟

پر پوءِ بہ
ڪنهن جلسي جي مَنچ تان
هِڪ ئي وقت تقرير ڪندي
ساڳيو ’سنديش‘ ڏُهرائيندا آهيوُن -

’اَسين سڀُ ڀائُر آهيوُن‘ ’هوُ بہ اَسان جهڙا آهن‘
’اَسانکي ڀاڻ ۾ پيار ڪرڻ گُهرجي...!‘

’هوُ‘ هَريجن آهن
پر تنهن هوندي بہ کين پنهنجو سمجهڻ گهرجي؛
اَسان کي هُنن سان پيار ڪرڻ گُهرجي
اِهو پيار
گويا پيار نہ ٿيو، اَحسان ٿيو!
ڪُجهہ بہ هُجي
پر اِهو اَسان کي ڪرڻ گُهرجي
ڇاڪاڻ، ڇوَن ته ـ
اَسان جا وَڏا وَڏا وِدوان
۽ اَڳوان بہ
اِها ’نصيحت‘ ڏيئي ويا آهن
سندن نَصيحت
اَسانکي ڪيڏو نہ ’سُجاڳہ‘ ڪيو آهي!
تہ ـ
هَريجن
گهٽ ذات جا ٿيندا آهن
اَسين اوُچا آهيوُن
اِنڪري
اَسانکي هُنن سان پيار ڪرڻ گُهرجي
’کين پنهنجو ڪري ليکڻُ گهرجي‘
سالن کان اِها ’نصيحت‘ ٻُڌندي
موُن تي ۽ هُن

اَلڳ اَلڳ وجود ۾ اَهم ڪٽي
وِڇڙندا آهيون –
تڏهِن...؟؟؟
ٻنهين جي وچ ۾
گهٽي ۾ گهٽو فاصلو
پيدا ٿي ويندو آهي !
۾
365 قِسمن جوُن رَنڊڪوُن/دوريوُن
وچ ۾ اَچي ڪڙيوُن ٿينديوُن آهن...

جنوري - ڊسمبر

پريہ !
تون پَهرين جنوري آهين
۽
مان 31 ڊسمبر
هِڪ ٻئي کان
ڪيترو پَري!
۽
هِڪ ٻئي جي
ڪيترو ويجها!

جڏهن
تون اَچي منهنجو هٿ جَهلينديَ آهين
اَسين هِڪ ٿي ويندا آهيون!
اَسانجي وچ ۾
ڪنهن ٻئي جي موجودگيءَ
يا
ڪنهن جي وَجود جي
ڪابہ گنجائش
نہ هوندي آهي
پر جڏهِن

رامايڻ ؟

شري رام جي
سِيتا جو اَپهرڻُ
ڪوئي ڪري سگهي ها ڪونَ
اَگر
اُن يُگ ۾ بہ هُجن ها
موبائيل فونَ !

مَهڪ ۽ ٺَهڪ

جن وٽ مَهڪ
سي مَهڪندڙ

جن وٽ ٺَهڪ
سي ٺهڪندڙ !


شاعري

کوٽا سِکا تو بِنِ

poetry

KHOTA SIKKA TO BIN

with Good Wishes of



Arjan Hasid Sahib

&



Vasdev Mohi Sahib



Nari Lachhwani